SCAN TO VERIFY
LAW DEPARTMENT
GOVERNMENT OF SINDH
www.sindhlaws.gov.pk

# سنڌ آرڊيننس نمبر X، 1970

# سنڌ پرائيويٽ ڪاليجز (مئنيجمينٽ اينڊ ڪنٽرول) آرڊيننس، 1970

## فهرست(Contents)

تمهيد (Preamble)
دفعات (Sections)
1. مختصر عنوان، وڌايل شروعات (Extend Commencement) ۽ نفاذ (Application)
2. گورننگ باڊي جو قيام (Establishment of Governing Body)
3. گورننگ باڊي جي جوڙجڪ (Constitution of Governing Body)
4. چيئرمين ۽ ارڪان (Members) جي برطرفي ۽ استعيفيٰ
5. اتفاقي آسامين جي پرتي (Filling of Casual Vacancies)
6. گورننگ باڊي جون گڏجاڻيون (Meetings of Governing Body)
7. گورننگ باڊي (Governing Body) جا اختيارات ۽ ذميواريون
8. پرنسپال جا اختيارات ۽ ذميواريون
9. بيان جمع ڪرائڻ (Submission of Statement)
10. ڪاليج جا مالي وسيلا (College Funds)
11. مالي فائدن جي حصول تي پابندي
12. جاچ ڪندڙ (Inspector)
13. عملي جي جماعت (Staff Council)
14. شاگردن استادن جي جماعت (Students Teachers Council)
15. گورننگ باڊي ٽوڙڻ ۽ ڪاليج کي تحويل ۾ وٺڻ
16. پرڏيهي شهريت رکندڙن جي مقرري
17. معاهدي ۽ رواج تحت محفوظ بڻايل حقن جو تحفظ
18. ضمانت (Indemnity)
19. ڇوٽ (Exemption)
20. قاعدا جوڙڻ جو اختيار (Power to make rules)
21. ضابطا جوڙڻ جو اختيار (Power to make regulations)
22. منسوخي (Repeal)

(2) پئرنٽ باڊي (Parent Body) واضح ڪندي ان اظهار (Statement) ۾ ته ان ڪاليج جي سالياني خرچ ۾ پنهنجو ڪيترو حصو چندي طور ڏنو آهي.

(3) جيڪڏهن پئرنٽ باڊي (Parent Body) جو ڪاليج جي سالياني خرچ ۾ چندي جو حصو 25 سيڪڙو کان گهٽ هجي ته مجاز اختياري (Competent Authority) پئرنٽ باڊي (Parent Body) جي نامزد ڪيل ارڪان جو انگ گهٽائي سگهي ٿي. گورننگ باڊي تان جيڪو انگ هو مناسب سمجهي.

وضاحت--- ذيلي دفعه 3 (Sub_Section 3) جي مقصد لاءِ پئرنٽ باڊي (Parent Body) پاران عطيي ۾ ڏنل رقم ڪاليج جي ملڪيت مان آمدني ۽ مجاز اختياري پاران ڪاليج جي استعمال هيٺ ۽ پئرنٽ باڊي (Parent Body) طرفان ورتل يا استعمال ۾ آندل ملڪيت جي ڪٿيل مسواڙ جو ملهه شامل سمجهيو ويندو.

11. ڪاليج ڪي هڪ فنڊ هوندو، جنهن ۾ جمع ڪيا ويندا- | ڪاليج فنڊ (College Fund)

(الف) فيس، عطيي، ٽرسٽ، اينڊومينٽ، امداد (Grant) ۽ رجسٽرڊ پيلو ڪنڊڙ طرفان مليل هڏي رقم،

(ب) ڪاليج جي ملڪيت مان مليل عطيي جي رقم،

(ج) پئرنٽ باڊي (Parent Body) پاران ڏنل رقم،

(د) حڪومت طرفان امداد ۾ ڏنل گرانٽ يا عطيو ۽

(هه) ٻين سمورن وسيلن کان حاصل ٿيندڙ آمدني.

12. گورننگ باڊي جو ڪو به رڪن (Member) ڪاليج مان مالي فائدا حاصل نه ڪندو. جيڪڏهن هن آرڊيننس جي ڪا به شق ڪنهن شخص، جيڪو مقرري لاءِ گهربل اهليت رکندو هجي ۽ هن آرڊيننس جي قاعدن ۽ ضابطن تحت هڪ استاد واريون سهولتون ماڻيندو هجي ۽ ٻيا فائدا حاصل ڪندو هجي ان تي ڪا بندش (Debar) نه هوندي. | مالي فائدا وٺڻ تي پابندي (Bar to derive financial benefits)

13. (1) مجاز اختياري يا هڪ يا هڪ کان وڌيڪ بااختيار اشخاص جي ذريعي وقت بوقت ڪاليج جي جاچ پڙتال ڪري سگهي ٿي يا جاچ پڙتال ڪرائي سگهي ٿي. | جاچ پڙتال (Inspection)

(2) ڪنهن به ڪاليج جي جاچ پڙتال ڪرائڻ ڪانپوءِ جيڪڏهن ضروري سمجهي ته ڪاليج جي اختيارين کي چئي سگهي ٿي ته مخصوص عرصي دوران ڪاليج جي معاملن کي ڏسڻ ضروري ن جو هن آرڊيننس ۾ قاعدن ۽ ضابطن ۾ وضاحت ڏنل آهي.

14. ڪاليج ۾ هڪ اسٽاف ڪائونسل هوندي، جيڪا مشتمل هوندي پرنسپال بطور چيئرمين ۽ چئن ٻين تمام پراڻن استادن (Senior_most) بطور ميمبرن جي، جيڪا ڪاليج جي روز مره جي معاملن يا دفعه 9 ۾ جاڻايل ٻين معاملن تي صلاح مشورو ڏيندي. | اسٽاف ڪائونسل (Staff Council)

15. (1) ڪاليج ۾ هڪ شاگردن-استادن جي ڪائونسل هوندي، جيڪا مشتمل هوندي، | شاگردن استادن جي جماعت Students Teachers Council

(i) پرنسپال

فارم (Form)

ڪاليج جي پيئرنٽ باڊي (Parent Body) طرفان پيش ڪرڻ

(ڏسو دفعہ 10)

1. عام (General)

1. اداري جو نالو
2. اداري جو هنڌ ۽ پتو
3. اداري جو قيام:-

(الف) شروع ڪرڻ جي تاريخ.

(ب) ميٽرڪيوليشن ۽ انٽرميڊيئيٽ جي صورت ۾ لاڳاپيل انٽرميڊيئيٽ اينڊ سيڪنڊري ليج هئڻ جي صورت ۾ سنڌ بورڊ آف ٽيڪنيڪل ايجوڪيشن.

کان تسليم شده (Recognition) جي تاريخ.

(ج) ڊگري ڪلاسز لاءِ يونيورسٽي سان جڙڻ جي تاريخ.

(د) پوسٽ گريجوئيٽ ڪلاسز لاءِ جڙڻ جي تاريخ ۽ يا ٻيا مضمون جن لاءِ جڙڻ جي منظوري ڏني وئي.

4. پڙهائڻ جو وسيلو عمل هيٺ

. انتظاميہ (Management)

1. ڇا مئنيجنگ باڊي (پيرينٽ باڊي) سوسائٽيز رجسٽريشن ايڪٽ, 1860 تحت رجسٽرار, جوائنٽ اسٽاڪ ڪمپنيز وٽ رجسٽرڊ آهي؟
2. چيف اٿارٽي/ايجنسي جنهن جي ضابطي هيٺ ادارو ڪم ڪري رهيو آهي.
3. گڏ لڳايو (Attach):-

(الف) مئنيجنگ باڊي جي ميمبرز جي فهرست ساڻ سندن ايڊريس.

(ب) آئين (Constitution/Constitutions) جي هڪ ڪاپي.

عملو (Staff)

1. ٽيچنگ اسٽاف جي هر هڪ ميمبر جي تعليمي لياقت (Qualification)، پڙهائڻ جو تجربي (Teaching Experience)، فيلڊ آف اسپيشلائيزيشن، پگهار ۽ اسڪيل سان لاڳاپيل مڪمل تفصيل (Particulars) ڏيکاريندڙ بيان (Statement) شامل ڪريو.
2. ڇا استادن کي ملازمت لکت ۾ معاهدي تحت ڏني وئي آهي؟ جيڪڏهن ايئن آهي تہ معاهدي جي نقل (Copy of Agreement) شامل ڪريو.
3. ڇا اداري استادن لاءِ پرووبڊنٽ فنڊ يا پينشن (يا ٻنهي) لاءِ قانون سازي ڪئي آهي؟
4. پرووبڊنٽ فنڊ لاءِ ڪاٽي جو ڪيترو سيڪڙو حصو عطيو ڏنل آهي؟

اداري جي خدمت جي قاعدن (Service Rules) جي ڪاپي گڏ لڳايو.

